هند ۾ سنڌ جي نامور ليکڪا شريمتي سندري اُتمچنداڻي کي نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگويج (NCPSL) اين سي پي ايس ايل پاران 26 سيپٽمبر 2005ع تي هند ۾ سنڌ جي ليکڪن ۽ ڪلاڪارن خاص سڏايل جلسي ۾ 50000 رپين جي انعام سان نوازيو ويو. هي انعام سريش ڪيسواڻي، NCPSL جي وائيس چيئرمئن پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڏنو. هن موقعي تي سنڌ جي ڪلاڪارن پنهنجي پرسوز آواز ۾ گيتن سان حاضرين جو من موهيو.

هن ڏينهن تي ڪيس هڪ مانپتر ڏنو ويو جنهن جو مضمون هن ريت آهي.

اسين جڏهن سنڌي ساهت جي سونهن ۽ سندرتا جو سوچيندا آهيون ته اسان جي ذهن ۾ سڀ کان اول سُندري اُتمچنداڻي جو نالو تري ايندو آهي.
سندري جي اِها ساهتڪ سندرتا، ڪڏهن هن جي آکاڻين ۾، ڪڏهن ناولن ۾، ڪڏهن هُن جي ناٽڪن ۾ ۽ ڪڏهن هن جي ڪويتائن ۾ نکار پائي پڙهندڙن آڏو اُڀري ايندي آهي.
ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي پابنديءَ واري سماجي ماحول ۾، سنڌيءَ جون کي ڳاڻ ڳٽيون ليکڪائون، ساهت جي ميدان ۾، اُن وقت ڊرامائي انداز ۾ اُڀري آيون، جڏهن سنڌي ساهت ۾ رڳو مرد ليکڪن جي هڪ هٽي هئي.
مرد ليکڪن سان، ادبي طور اهو مقابلو ڏيڻ اُن وقت وڏو جرئت ڀريو قدم هو. اُن جرئت ۽ جسارت جو جيئرو جاڳندو مثال هن وقت اسان جي سامهون سنڌي جي سرمور ليکڪا سُندري اُتمچنداڻي آهي. ساهتڪ سطح تي سُندري ٻين ليکڪائن جي ڀيٽ ۾ اُن ڪري به خوش قسمت هئي جو کيس هڪ پڪي پختي ساهتڪار شري اُتم جو ساٿ حاصل ٿيو ۽ ائين هن جي ڳٽپ هڪ ساهتڪ ڪٽنب ۾ ٿي. شريمتي سندري اُتمچنداڻي جو جنم 28 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد سنڌ جي هڪ خوشحال پائيپند گهراڻي ۾ ٿيو.
جتي ئي هن جي شروعاتي تعليم ٿي. ننڍپڻ کان ئي هن جي ساهت طرف رچي رهي ۽ اُن وقت سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ ساهت جو گهرو اڀياس ڪيو. پارتي ادب جو اِهو دوَر، ترقي

پسند دوَر هو ۽ سنڌي ساهت اُن ڌارا کان نہ صرف متاثر ٿيو پر ان ڌارا جي اڪثر ساهتڪارن ، پاڻ کي اُن ڌارا سان پوري ريت جوڙي ڇڏيو. سندري پنهنجي ليکڪ جيون ساٿي سان ساهت جي نون نظرين سان جڙجي وئي ۽ هن اُن ادب جي اڏي تي پنهنجو ڪنڌ رکي ڇڏيو.

سندري جي پهرين رچنا هُن جي 22 سالن جي عمر ۾ سال 1946ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿيندڙ رسالي ڦليلي ۾ ڇپي.

سندري جي هن پهرين رچنا ئي سنڌيءَ جي سڄاڻ پاٺڪن جو خاص ڌيان ڇڪايو ۽ ائين سندري جو نالو ساهت جي دنيا ۾ هن جي پهرين قدم سان ئي پختو ٿي ويو.

ورهاڱي بعد سندريءَ بمبئيءَ ۾ ٿيندڙ سنڌي ساهت منڊل جي بيٺڪن ۾ باقاعدي شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي ، جتي هو نامور ساهتڪارن اڳيان پابندي سان پنهنجون رچنائون پيش ڪندي رهي ۽ پنهنجن هم عصر اديبن وٽان داد بہ حاصل ڪندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن تنقيد جا تکا تير پڻ سهندي رهي.

هن جي رچنائن تي ٿيل تنقيدون هنجي ادبي زندگيءَ ۾ روشن راهہ تي ثابت ٿينديون رهيون ۽ هنجو قلم پختي کان وڌيک پختو ٿيندو رهيو.

سندريءَ جي کهاڻين جي مجموئي پوريءَ کي تعليمي وزرات طرفان انعام ڏنو ويو. اڳتي هلي 1986 ۾ ڪيس وڇوڙي تي ڪيس ساهت اڪادميءَ جو اوارڊ پڻ عطا ٿيو. انهن اوارڊن کان سواءِ سندريءَ کي مهاراشٽرا سرڪار طرفان هڪ لک رپئي جي گورو پرسڪار سان نوازيو ويو. هوءَ ريڊيو ۽ ٽي.ويءَ لاءِ پڻ باقائدي لکندي رهي آهي.

ساهتڪ جيون کان سواءِ سندريءَ سماجڪ ڪارين ۾ پڻ ڀرپور ڀاڱ پئي ورتو آهي. بمبئيءَ ۾ سنڌوُ ناري سڀا ۽ سنڌو ٻال مندر برپا ڪرڻ هنجي سماجڪ جيون جون حاصلاتون آهن. سندريءَ جي اڻٿڪ ساهتڪ سماجڪ شيوائن جي مدنظر NCPSL طافان هن کي لائيف ٽائيم اوارڊ ڏيندي اسين بيحد فخر محسوس ڪري رهيا آهيون.